SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO. XXX OF 1984

سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH SPORTS (SECOND AMENDMENT) ORDINCNANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس III مجريه 1980 جي دفعه 4 ۾ ترميم.

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance III of 1980

سنڌ آرڊيننس نمبر XXX مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXX OF 1984

سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH SPORTS (SECOND AMENDMENT) ORDINCNANCE, 1984

[15آڪٽوبر 1984]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن جي ذريعي سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جنهن کي هن طرح عمل ۾ آڻبو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977، جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽوشن آرڊر، 1981 جي روشنيءَ ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ هوندو.

سنڌ آرڊيننس III مجريہ

2. سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 جي دفعہ 4 جي

1980جي دفعہ 4 ۾ ترميم.
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance III of 1980

تحت.

(A) ذيلي دفعہ (1) ۾ شق (II_A) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نيون شقون شامل ڪيون ويندیون:-

(B_II) سيڪريٽري حڪومت سنڌ، براءِ هائوسنگ ٽائون پلاننگ ۽ بهراڙي ترقياتي ۽ مقامي حڪومت ڊولپمينٽ ميمبر

(C_II) ميئر ڪراچي ميمبر ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن.

(D_II) ميئر حيدرآباد ميمبر ميونسپل ڪارپوريشن.

(E_II) ميئر سکر ميمبر ميونسپل ڪارپوريشن؛

(B) ذيلي دفعہ (2)، کانپوءِ هينئن نئين ذيلي دفعہ کي شامل ڪيو ويندو.

"(2_A) گورنر بورڊ جي جوڙجڪ لاءِ نوٽيفڪيشن جي ذريعي ڪنهن شخص کي بطور سرڪاري يا غير سرڪاري ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.